سحر امداد

# ڇاڇڙن ڏي سفر

”شاعري سڀني لطيف فنن جو روح آهي“(١)، ڇوته ان جي تخليق جو واحد وسيلو لفظ آهن ۽ لفظ شين جون علامتون آهن، خود شئي نه آهن. ان ڪري ئي شاعري ڏکئي ۾ ڏکيو فن پڻ آهي. ”شاعريءَ جو بنياد آهي جذبن جي گوناگوني ۽ گهرائي“(٢) تي، پر جذبن ۽ خيالن کي اوتري ئي گهرائي سان- جيترو گهرو خود شاعر محسوس ڪيو آهي— پڙهندڙ تائين پهچائڻ ئي شاعريءَ جو ڪمال آهي. ”انهن امنگن کي روشن دماغ ئي عرش تي اڏائي ٿو ۽ اندلٺ جهڙا رنگ، خواه بادلن جهڙي رم جهم ۽ بجليءَ جهڙا چمڪاٽ رچائي ٿو“(٣):

”وشال آهي نيراڻ آڪاش جي
نه پڇرو، نه پڇري ۾ آهي پکي!“
(امداد حسيني)

’شاعري جيئن ته جذبي ۽ فڪر جو فني اظهار آهي‘ ان اظهار لاءِ شاعر لفظن جو محتاج آهي. جڏهن به ڪو نئون خيال، ڪا نئين سوچ، ڪو نئون فڪر، ڪو نئون احساس اڀرندو آهي شاعر جي اندر ۾ — ته ان جي اظهار لاءِ هر دؤر ۾ شاعر پاڻ کي مجبور محسوس ڪيو هوندو: تنهنڪري شاعر پنهنجي اندر جي اظهار لاءِ نئين ٻولي تخليق ڪري ٿو— ٻوليءَ جي موجود لفظن کي ’نئين معنا‘ عطا ڪري ٿو. نين علامتن، اشارن ۽ تمثيلن جي ايجاد ڪري ٿو، نوان گهاڙيٽا گهڙي ٿو— بحر وزن ۾ ڦير گهير ڪري ٿو — ۽ اهين سڀ گهيرا ٽوڙي؛ هڪ نئين راهه رمي ٿو. شاعري ان ڪري ئي ٻيڻل سينواريل تلاءُ نه، بلڪ وهندي واهڙ جيان آهي.

ٽي.ايس. ايليٽ چيو هو: ”جيڪڏهن اسان وٽ پنهنجي دور جو نئون ۽ زنده ادب نه هوندو ته اسان پنهنجي ماضيءَ جي ادب کان ڇڄي وينداسين“(٤). ان ۾ به ڳالهيون اهم ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ آهن، هڪ ته ”نئون“ ۽ ٻيو ”زنده ادب“؛ اهو سمورو ادب جيڪو هڻ دور ۾ لکجي پيو، سو ”نئون“ ناهي بلڪل اهڙيءَ ريت جيئن ماضيءَ ۾ سرجيل

”ٽيڙو ٽنگيل ٽيـاس، ڪـٿيون مـُنڌيـُون ڪاتيون
هٿ ترين ۾؛ پيرن پـُٺ ۾؛ ڪـِليون ڪوڙ ڪـُٽياس
ڪـَٿيون مـُنڌيون ڪاتيونٌ“
(وائي)

——

”بسنت رُت ۾ پيلو چهرو، ڪونہ ٺهي ٿو پيارا
چهري تي رانبوٽا پائي، لال گـُلال ڪري ڇڏ“
(ترائيل)

——

”جيڪو پـُڇ لـوڏيـنـدو
هـڏي سو چـُوپـيـنـدو
ان جي آڪـُـٽ نـہ هوندي
جيڪو آڪـُـٽ ڇنـپيـندو“

(غزل)

امداد جي لفظ لفظ ـــ سـِٽ سـِٽ سان سلهاڙيل احساس بيحد تخليقي سطح تي اُسرندا ۽ نسرندا آهن ”محسوس ڪرڻ ۽ محسوس ڪرائڻ“ شاعر جو ۽ (خود شاعريءَ جو) بيحد سگهارو عمل آهي. امداد جي شاعري ان عمل مان مسلسل؛/لڳاتار گذري رهي آهي. وقت، حالتون، واقعا ۽ منظر بدلجي سگهن ٿا؛ پر هر وقت، هر حالت، هر واقعي ۽ هر منظر کي هـُو ايڏو گهرو ۽ ڀرپور ڇٽيندو آهي، جو ”تنهنجا احساس محسوس مونکي ٿين“ واري ڪيفيت پيدا ٿيو وڃي ـــ ۽ اها ڪيفيت ’انتهائي موسيقيت‘ وسيلي يا ’عڪس‘ وسيلي پيدا ٿي سگهي ٿي:

”اڇو
سج جي مـَچ جي چؤطرف
ڇـِتا ڇـِڪـ ڇوڙي
ڇـِتا ٿي
مـُگرمان جي تيز لڱي تي نچو
سوئر ’وڄ‘ پنهنجا ڏـِکا پيو ڪري
ڏڦن کي ڪٽو
هنبوڇي هٽو

تو مٿان گهوريان
ٻاجهہ ڪج
هن مٿيءَ
کي چڱي
چنگ تو چوريان
سنڌڙي جندڙي"

امداد پنهنجي شاعريءَ ۾ "مٽيءَ" ۽ "ڌرتيءَ" جو ذڪر بار بار ڪري ٿو. اها ئي "مٽي" ۽ "ڌرتي" جنهن سان سندس آتمڪ ناتو آهي:

"مٽي منهنجي ميٽ السولو
ڇـا جو ڏپ ۽ ڇا جو ڀولو"

هر ٻئي فن وانگي شاعري به حقيقتن جي اُپٽار آهي. فنڪار جو داخلي تجربو ۽ خارجي ردعمل آهي: گُهٽ: ٻُوسٽ: مونجهہ: تتل آدرش: رڪ ٿيندڙ جڙون، انڌا احساس: مُڏا لفظ: ڪوڪلائپ: زندگيءَ جو اهو سمورو زهر نڙي چيريندو "شخص" جي اندر اونهاين تائين پهچندو پيو وڃي:

"روح جـي پـاتـال تـائين، زهر ڪو اوتي ويـو
مـوڙ ڪنڌن جـا مـٽي تـي ۽ صليبن ڏي سفر"

مٽي تي ڪنڌن جا موڙ ٻڌيو ـــ سندس 'صليبن ڏي سفر' اڃا جاري آهي:

"پاڻ کي هلندو رهڻ گهرجي
هٿ هٿ ۾ پايو
ان ريکا تي نيڻ ڪپايو."

**حوالا:**


(١) شمشيرالحيدري: ادبي اوسر، سنڌي آزاد نظم، سنڌي زبان پبليڪيشن ١٩٦٧ع ص ١٠٠.

(٢) فتح چند واسواڻي: موج ڪئي مهراڻ، سنڌي ساهتيہ سنگت آديپور ڪڇ ١٩٦٦ع بڪ ٽائٽل.

(٣) ايضاً.

(٤) جميل جالبي: ايليٽ ڪـي مضامين، رائٽرز بڪ ڪلب ڪراچي ١٩٧١ع ص٨٨.

(٥) الهداد پوهيو: سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، انسيٽوٽ آف سنڌالاجي ١٩٧٨ع،ص ١٦١.
(٦) عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٨٣ع ص ٢٩٠.
(٧) تنوير عباسي: امداد آهي رول، سنڌي ادبي اڪيڊمي حيدرآباد، ١٩٧٦ع بئڪ ٽائٽل.

## مددي ڪتاب


١- ادبي اوسر- سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر علي الانا ۽ زيڊ.اي.شيخ- سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد-١٩٦٧ع.
٢- امداد آهي رول-امداد حسيني سنڌي اڪيڊمي حيدرآباد-١٩٧٦ع.
٣- ايليٽ ڪي مضامين-جميل جالبي-رائٽرز بڪ ڪلب ڪراچي ١٩٧١ع.
٤- سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج-الهداد بوهيو- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ١٩٧٨ع
٥- سنڌي ادب جي مختصر تاريخ- عبدالجبار جوڻيجو- زيب ادبي مرڪز حيدرآباد-١٩٨٣ع.
٦- موج ڪئي مهراڻ-فتح چند واسواڻي-سنڌي ساهيتہ سنگت اڊيپور ڪڇ ١٩٦٦ع.
٧- مهراڻ (ٽي ماهي)ص-١٤ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ٤-٢-١٩٧٢ع.
٨- مهراڻ (ٽي ماهي)ص-١٧ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ٤-١٩٧٥ع.
٩- مهراڻ (ٽي ماهي)ص-٣١ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ٣-١٩٨٥ع.


-o-